فضل الله انڙ
ڊاڪٽر محمد اسحاق سميجو

بيٺڪيت پڃاڻان مطالعي جو تعارف، اوسر ۽ اهميت

Abstract:

An Introduction to Postcolonial Literary Theory, Its Beginning and Importance

Postcolonial literary theory emerged in the late 20th century as a response to the cultural, political aftermath of colonialism. It examines the literature produced by colonized people and the ways in which colonialism has shaped cultural identity, power dynamics, and representation. Its importance lies in its ability to challenge dominant narratives, marginalized voices, and to deconstruct colonial ideologies embedded in literature and society. Key figures include Frantz Fanon, Edward Said, Gayatri Spivak, and Homi k Bhabha who introduced concepts like orientalism, subalternity, and hybridity.

Postcolonial theorists explore issues of power, representation, identity, and resistance in literature from formerly colonized regions.

Postcolonial theory has expanded beyond literature to encompass other disciplines such as history, anthropology, and cultural studies. It has influenced fields like feminist theory, queer theory, and globalization studies, demonstrating its interdisciplinary significance.

Postcolonial literary theory is a vital lens through which to analyze literature produced in the wake of colonialism, offering profound insights into cultural hybridity, power dynamics, and the complexities of identity in a globalized world.

ادبي نظريو، تنقيد سان سلهاڙيل مطالعن ۽ تجزين جي مختلف طريقن جو علم آهي، جنهن جا گهڻائي زاويا، رخ ۽ قسم آهن. انهن مان ساختيات، ساختيات پڃاڻان، جديديت پڃاڻان، بيٺڪيت پڃاڻان، مارڪسي تنقيد، تحليل نفسي، عورتازاد ۽ ٻيا نظريا شامل آهن. دراصل اهي سڀ ادب جي پڙهت جا مختلف طريقيڪار آهن. جن مان هر هڪ کي پنهنجا پنهنجا اصول، ۽ اصطلاح آهن. آساني خاطر اسان چئي سگهون ٿا تہ اهي سڀ مختلف زاويا يا نقطہ نظر آهن، جن کي ذهن ۾ رکي ڪنهن بہ ادبي فن پاري مان معنيٰ حاصل ڪئي ويندي آهي.

جديد ادبي نظرئي جي ارتقا جو زمانو ويهين صديءَ جو پويون اڌ هو. بيٺڪيت پڃاڻان نظرئي کي ادبي نظرئي جو درجو سال 1980ع ۾ مليو ۽ ان نظرئي جي شروعات کي ايڊورڈ سعيد جي ڪتاب Orientalism سان منسوب ڪيو وڃي ٿو. بيٺڪيت پڃاڻان اپياس انهن ادبي لکڻين جي جاچ پڙتال ڪري ٿو، جن جي ليکڪن جو تعلق اڳوڻين بيٺيڪيت سان هجي. انهن تجزين ۾ اهو ڏٺو وڃي ٿو تہ ان لکڻيءَ ۾ سامراج يا قابض ڪان آزاديءَ ۽ ثقافتي شناخت لاءِ جدوجهد جي عڪاسي ڪيئن ٿيل آهي ۽ ادب ۾ غاصب جي طاقت ۽ ان خلاف مزاحمت يا مفاهمت جهڙن عنصرن کي واضع ڪيو وڃي ٿو.

بينڪيت پڃاڻان مطالعي جو بنياد بينڪي دؤر سان آهي ۽ ان دؤر بينڪي سرشتي کي جنم ڏنو ۽ بينڪي سرشتو ئي بينڪيت پڃاڻان مطالعي جو جواز بڻيو. بينڪي سرشتو ڇا آهي؟ ۽ ان جي حقيقت ڇا آهي؟ ان جي پسمنظر جو جائزو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

بينڪي سرشتو Colonialism :

بينڪي سرشتي جو بنياد بينڪي راج آهي ۽ بينڪي راج مان مراد ڪنهن به ملڪ تي ڌارين جو ناجائز قبضو آهي. جڏهن هڪ ملڪ پنهنجي مفادن خاطر ڪنهن ٻئي ملڪ تي قبضو ڪري ان ملڪ ۾ پنهنجو سرشتو نافظ ڪري ۽ ان والاريل ملڪ جي سماج، تهذيب، تاريخ، فڪر ۽ ثقافت تي اثر انداز ٿئي تہ ان سرشتي کي بينڪي سرشتو چئجي ٿو.

بينڪيت کي اردو ۾ نوآبادیات ۽ انگريزي ۾ Colonial چئبو آهي. ڪولونيل لفظ جو بنياد ڪالوني آهي. ڪالوني هڪ رهائشي علاقي کي چئبو آهي پر بينڪي دؤر ان لفظ جي معنٰي ۾ تبديلي پيدا ڪئي ۽ ڪالوني والاريل ملڪن ۽ علاقن لاءِ پڻ استعمال ٿيڻ لڳو. ڪالوني لفظ جي ڪيمرج ڊڪشري ۾ ڏنل معنٰي هن ريت آهي.

Colony: A country or area controlled politically by a more powerful country that is often far away: (htt://dictionary.cambridge.org)[1]

ڪالوني ۽ ڪالونيل مان 'Colonialism' اصطلاح ٺهيو، جنهن کي سنڌي ۾ 'بينڪي سرشتو' چئجي ٿو. ڪالونيل ازم لفظ جي پسمنظر جي باري ۾ ڈاڪٹر مبارڪ لکي ٿو تہ،

"کولونیل ازم کا اردو ترجمہ نو آبادیات کیا جاتا ہے۔ اس اصطلاح کو رومیوں نے استعمال کرنا شروع کیا، جب وہ دوسرے ملکوں اور علاقوں پر قبضہ کرتے تھے تو اپنے اقتدار اور تسلط کو قائم رکھنے کے لئے وہاں اپنی نو آبادیاں قائم کر لیتے تھے۔ اس قسم کی نو آبادیاں قائم کرنے کا رواج تقریباً ان تمام امپیرئل طاقتوں میں رہا تھا، جو غیر علاقوں کو اپنے ماتحت کرتے تھے۔"(۲)

قبضن جي تاريخ تہ تمام گهٽي پراٽي آهي پر جنهن بينڪي سرشتي مان بينڪيت پڃاڻا مطالعي جي اوسر ٿي آهي اهو يورپ جو پندرنهين صدي کان ويهين صدي تائين واري ان بينڪي قبضن سان تعلق رکي ٿو، جيڪي يورپي ملڪن ايشيا، ڏکڻ آمريڪا، آسٽريليا، آفريڪا، ۽ ٻين ملڪن تي ڪيا هئا.

فڪري طور يورپ اونداهي دؤر (Dark age) مان نڪري، چوڏهين ۽ پندرهين صديءَ ۾ نئين سجاڳيءَ واري دؤر (Renaissance) ۾ داخل ٿيو تہ اتي سائنسي ترقيءَ جي شروعات ٿي ۽ سترنهين صديءَ ۾ يورپ ۾ صنعتي انقلاب آيو. جنهن ڪري ان جي پيداواري صلاحيتن ۾ واڌارو ٿيڻ شروع ٿيو. سڀ کان پهريون يورپي واپاري مقصدن خاطر ٻين ملڪن ڏانهن نهارڻ لڳا پر بعد ۾ قابض ٿي، انهن علاقن کي پنهنجون بينڪون بنائڻ لڳا. هندستان ۾ به انگريز پهرين واپار سانگي آيا هئا، پر پوءِ سرمايي ۽ فوجي قوت جي زور تي قابض ٿيندا ويا. جديد صنعتي دؤر ۾ داخل ٿيڻ سان انهن کي مارڪيٽ سان گڏ افرادي قوت جي به شديد گهرج پئي، ان کانسواءِ ڪچي مال ۽ تيار ٿيل مال جي کپت لاءِ مارڪيٽ به کپندي هئي. ان ڪري انهن نون ملڪن جي ڳولا شروع ڪئي، جتي کين سستو پورهيت، ڪچو مال ۽ مارڪيٽ ملي سگهي. اهڙي طريقي سان هنن ڪمزور ملڪن جي وسيلن تي قبضا شروع ڪيا ۽ اتي وڃي بينڪون قائم ڪرڻ لڳا. ان صورتحال کي اصطلاحي طور بينڪي سرشتو (Colonialism) سڏبو آهي.

بينڪي سرشتو، هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن ۾ هڪ طاقتور ملڪ جا ماڻهو ٻئي ملڪ تي قابض ٿي، حڪومت ڪن. ان ملڪ جي وسيلن جي ڦرلٽ ڪن ۽ اتان جي اصل رهاڪن مٿان پنهنجا قانون، ثقافت، ٻولي، معاشرت ۽ حڪم مڙهن. قابض گروهه ۽ اصل آبادي‌ءَ جي وچ ۾ ناانصافي ۽ جبر تي مشتمل لاڳاپو، جيڪو اصل رهاڪن جو پرماريت ڪري، ان کي بينڪي سرشتو چئجي ٿو. بينڪي سرشتي جي نتيجي ۾ پيدا ٿيل حالتن جي باري ۾ ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري لکي ٿو ته، "بينڪي سرشتو دنيا ۾ هڪ اهڙي حقيقت آهي جنهن پنهنجي ڏاڍ، طاقت، هيڃ ۽ وحشتپڻي هيٺ اٽڪل سڄي دنيا جي ثقافت کي بگاڙي ڇڏيو. اڄ دنيا جي فطري سڃاڻپ جي کا بہ خبر ناهي. ڪهڙي خبر ته ڪهڙا ماڻهو ڪٽان آيا ۽ ڪهڙا ماڻهو ڪيڏانهن ويا. قومن جي يلغار ۽ ڪاهن پٽيان علائقن جون سڃاڻپون ۽ نقشا تبديل ٿيندا، اڄ اهڙي جاءِ تي پهتا آهن جتي کا خبر نہ ٿي پوي ته ڪهڙو علائقو فطري طور ڪيستائين هو ۽ ڪيترو ڪنهن علائقي جي نقشي کي گهٽايو يا ڪيترو وڌايو ويو آهي."[۳]

سامراج ڪنهن بہ ملڪ تي قبضي ڪرڻ بعد ان ملڪ جي سماج سان هٿ چراند ڪرڻ شروع ڪندو آهي. قابض ثقافتي رشتن، تهذيب ۽ تمدن جي علامتن ۽ تاريخي شعور ۾ تبديلي آڻڻ جو سبب بڻبو آهي. بينڪي راج والاريل ملڪن ۾ طبقن کي جنم ڏيندو آهي. ان سلسلي ۾ سڀ کان پهريون قابض ان ملڪ جي ٻولي ۽ ثقافتي سرشتي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ بينڪي ملڪ جي ثقافت ۽ ٻولي جي حمايت ڪندا آهن. جهڙي طرح سنڌ فتح ڪرڻ بعد سنڌي زبان کي سرڪاري ٻولي جو درجو ڏئي سنڌي ماڻهن جون دليون کٽڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. دراصل اها ان زماني جي هڪ زبردست سياسي حرفت هئي. ان وقت سنڌ جا پڙهيل ۽ سمجهو ماڻهو فارسي ٻولي تي مهارت رکندا هئا پر انگريزن هڪ حڪم هيٺ ان سموري بااثر ۽ تعليم يافته طبقي کي اقتدار ۽ سرڪاري ڪمن کان اهو چئي الڳ ڪيو ته جنهن کي سنڌي ۽ انگريزي ايندي اهو نوڪري حاصل ڪري سگهندو. ان بعد هڪ حڪم ذريعي پنهنجي انگريز آفيسرن لاءِ بہ سنڌي جو امتحان لازمي پاس ڪرڻ جو قانون لاڳو ڪيوويو هو. اهڙي‌ءَ ريت ان حڪم بعد سنڌ جو اهو پڙهيل طبقو هڪ ڏڪ سان سرڪاري معاملن کان ڌار ڪيو ويو.

بينڪيت پڃاڻان Post Colonialism :

هيءُ هڪ سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ خاص طور ادبي اصطلاح آهي. ان جي لفظي معنيٰ 'بينڪيت واري دؤر کان پوءِ ' آهي. پر جڏهن ان کي ادبي اصطلاح طور ڏسنداسين ته اها هڪ ادبي تنقيدي نظريو آهي. ان لاءِ کي نقاد 'بينڪيت پڃاڻان اپياس' جا لفظ بہ استعمال ڪندا آهن.

بينڪيت پڃاڻان جيئن لفظ مان ئي واضع ٿئي ٿو ته بينڪيت کان پوءِ جو زمانو، يا ڪٽي ائين چئجي ته، بينڪيت پڃاڻان مان مراد ڌارين کان ڇوٽڪاري کان پوءِ وارن اثرن جو دؤر. بينڪيت پڃاڻان جو تعلق بينڪيت واري سامراجي تهذيب ۽ ثقافت جي پيل اثرن جي هڪ تسلسل سان هوندو آهي، جنهن ۾ قابض هڪ وڏي عرصي تائين حڪومت ڪرڻ دوران پنهنجا گهرا اثر مرتب ڪري ويندا آهن. جڏهن مقامي ماڻهو ملڪ جو سرشتو پنهنجي هٿ ڪندا آهن تڏهن بہ ڌارين جو اثر رسوخ موجود رهندو آهي ۽ بينڪي سرشتو ان آزاد قوم جي نڙي ۾ قاتل هڏي جيان ڇُيندو رهندو آهي. مطلب ته والاريل قوم تي پرماريت، غربت، غلام ذهنيت، نفسياتي پستي ۽ ذهني ڇڪتاڻ جهڙا آزار ڪارفرما رهندا آهن.

رابرٽ يُنگ پنهنجي ڪتاب 'Post colonialism A very Short Introduction' ۾ بينڪي دنيا کي ٽن ڪنڊن تي مشتمل ٽين دنيا چوي ٿو ۽ ان لاءِ هن 'Tricontinental' جو اصطلاح استعمال ڪيو آهي. ٽين دنيا جو الميو ڇا آهي؟ ان درد جي ڪهاڻي کي بيان ڪرڻ لاءِ هُو هڪ پناهگير ڪيمپ اسڪول جي تصوير پنهنجي ڪتاب ۾ ڏئي ٿو ۽ لکي ٿو ته،

"See a picture of children who are assembling at a school, standing barefoot on the stones, and you know you are in 'the third world'. This third world is the postcolonial world. The term 'third world' was originally invented on the model of the Third Estate of the French Revolution. The world was divided according to the two major political systems, capitalism and socialism, and these were the first and the second worlds. The third world was made up of what was left over: the 'non-aligned' nations, the new independent nations that had formerly made up the colonies of the imperial powers."(4)

(ترجمو: اسمبلي ۾ پٿريلي زمين تي پيرين اگهاڙن پارن جي تصوير ڏسو، اها ٽين دنيا آهي. اها ٽين دنيا دراصل بينڪيت پڃاڻان دنيا آهي. ٽين دنيا جو اصطلاح فرينچ انقلاب واري (طبقاتي) نموني تي ٺهيل آهي (جنهن ۾ پهرين طبقي ۾ پوپ ۽ پادري هئا ٻئي طبقي ۾ نواب ۽ امير هئا ۽ ٽيون طبقو عوام جو هو) ان نموني تي دنيا کي ٽن وڏن سياسي حصن يعني ڪيپيٽلزم ۽ سوشلزم کي پهرئين ۽ ٻئي دنيا چيو ويو ۽ باقي جيڪي اتحادي نه هئا، اهي 'ٽين دنيا' ٻڌجي ويا. دراصل اها ٽين دنيا استعماري ۽ سامراجي قوتن جون بينڪون هيون جن کي بعد ۾ آزادي ملي.)

ايدورڊ سعيد هن نظرئي کي مستحڪم ڪيو، ان بينڪيت پڃاڻان جا پيرا اوپر شناسي واري يورپي علمي، تحقيقي ۽ فڪري شعبي مان ڳولي ظاهر ڪيا. ان جي باري ۾ لطفي حمادي لکي ٿو ته:

"Said`s theory of post colonialism is mainly based on what he considers the false image of the Orient or East that has been fabricated by western explores, poets, novelists, philosophers, political theorists, economists, and imperial administrators since Napoleon`s occupation of Egypt in 1798." (5)

ايدورڊ سعيد جي فڪر مان مٿي ڏنل بيان ۾ واضع ڪيو ويو آهي ته اولهه جي ليکڪن، فلاسافرن، شاعرن، سياسي ۽ معاشي ماهرن ۽ يورپ جي منتظمن ۽ اعليٰ عهديدارن مڙني اوپر جي متعلق هڪ ڏندڪٿائي، هٿرادو ۽ ڪوڙي تصوير ٺاهي هئي.

" بينڪيت پُڃاڻان جو اصطلاح ان مخصوص ڪلچر جي مطالعي لاءِ ڪيو ويندو آهي، جيڪو يورپي سامراجي سوچ ۽ اثرن سبب وجود ۾ آيو آهي. انهيءَ مطالعي ذريعي علم، ادب، ٻولي، ثقافت، معيشت ۽ سياست وغيره تي سامراجي سوچ ۽ اثرن جو جائزو وٺندي، پرماريت ۽ ڦرلٽ جي عمل کي نندیو ويندو آهي."(٦)

بينڪيت پڃاڻان نظريو متن جو ان نظر سان تجزيو ڪري ٿو جنهن ۾ بينڪي سوچ ۽ ان سرشتي جي اثرن کي ڳولي نروار ڪري سگهي. ان باري ۾ ناصر عباس نيّر لکي ٿو:

"مابعد نو آبادیاتی تجزیہ یورپ کو نہیں، کولونیل ازم کو مرکز میں رکھتا ہے۔ یہ درست ہے کہ یورپ نے اسے اختیار کیا، مگر اختیار کرنے کا عمل ایک نئی تمثیل شروع کرنے کے مانند تھا۔ کولونیل ازم ایک نیا ڈراما تھا، جس کا اسکرپٹ یورپ نے لکھا اور جسے کھیلنے کے لیے ایشیا و آفریکا کی سرزمین کو منتخب کیا۔ ڈرامے کے مرکزی کردار یورپی تھے، تاہم کچھ معاون اور ضمنی کردار ایشیائی و آفریکی تھے۔ مابعد نو آبادیاتی مطالعہ اس ڈرامے اور اس کے کرداروں کے باہمی رشتوں، واقعات، پلاٹ وغیرہ کا تفصیلی تجزیہ کرتا ہے۔"(۷)

اورنگ زيب قاسمي موجب: "بينڪيت پڃاڻان مان مراد اهي طريقا استعمال ڪري اپياس ڪجي جن جي مدد سان بينڪي ملڪن کي آزادي ملڻ بعد ان جي نسليت، قوميت، ثقافت ۽ تشخص جي عڪاسي ٿيل هجي. کي نقاد بينڪي راج کان ايڪويهين صدي تائين سامراجيت جا اثر قبول ڪرڻ واري ثقافت ۽ ان سان لاڳاپي جي لاءِ اهو اصطلاح استعمال ڪندا آهن."(٨)

بيٺڪيت پڃاڻان اپياس Postcolonial Literary Theory:

بيٺڪيت پڃاڻان ادب ان ادب کي ٿو چئجي، جيڪو يورپ جي قبضي هيٺ رهندڙ ملڪن ۾ آزاديءَ بعد لکيو ويو هجي. اهو ادب جنهن ۾ آزاديءَ جي جدوجهد، قومي سڃاڻپ، نسلي فرق ۽ مزاحمت جهڙا عنصر موجود هجن. بيٺڪيت پڃاڻان نظرئي، اهو تنقيدي نقط نظر آهي، جيڪو انهن ملڪن جي ادب تي تيکاڻپٽي ڪري ٿو جيڪي انگليڊ، يورپ يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي والار هيٺ رهيا هجن ۽ ان بيٺڪي دؤر واري لکيل ادب يا آزاديءَ بعد لکيل ادب مان اهي عنصر ۽ نڪتا تلاش ڪري ٿي جيڪي بيٺڪي سرشتي يا سامراجي نقط نظر جي عڪاسي ڪندڙ هجن.

بيٺڪيت پڃاڻان اپياس، ڪالونيل ڊسڪورس جو اپياس آهي. هن مطالعي ۾ قابض ۽ قبضي هيٺ آيل جي وچ ۾ثقافتي لاڳاپن جو ادبي متن جي تجزيي ذريعي اپياس ڪيو ويندو آهي. ڊاڪٽر مبارڪ لاشاري لکي ٿو ته، "انهيءَ مطالعي ذريعي سموري علم ۽ ادب، ثقافت، سڃاڻپ، سياست، معيشت ۽ ٻوليءَ تي سامراجي اثرن جو جائزو ونجي ٿو ۽ ان بعد جوابي اثرن(Counter effect) لاءِ جاکوڙجي ٿو. بيٺڪيت پڃاڻان اپياس علم جي سيني شاخن تائين ڦهليل آهي. ادب کان وڌي لسانيات، ٻولي، اينٿروپالاجي کان وڌي سياست ۽ معاشيات وغيره جو بيٺڪيت پڃاڻان اپياس ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي پسمنظر ۾ سامراجي بيٺڪي سوچ ۽ اثرن جو جائزو ورتو ويندو آهي."[۹]

بيٺڪيت پڃاڻان مطالعي جي باري ۾ ڈاکٹر ناصر عباس نيّر لکي ٿو ته، "مابعد نو آبادیاتی مطالعہ، اس مفروضے سے اپنی ابتدا کرتا ہے کہ تاریخ کا نو آبادیاتی عہد طاقت کے رشتوں سے وجود میں آتا ہے۔ اس عہد میں نہ طاقت کا اظہار سادہ اور فی الفور نظر آنے والی صورتوں میں ہوتا ہے، نہ طاقت کے رشتے عام فہم ہوتے ہیں۔ نو آبادیاتی عہد کی خصوصیت یہ ہے کہ طاقت کی نئی شکلیں دریافت کی جاتی ہیں اور انہیں نئے طریقوں سے کام میں لا کر، نئے رشتے وجود میں لائے جاتے ہیں۔ چناچہ اس عہد میں ایک ایسی ثقافتی صورتِ حال نمو پذیر ہوتی چلی جاتی ہے، جس کی اساسی تہوں، تنظیمی ساختوں اور بالائی مظاہر میں طاقت سرایت کر جاتی ہے۔ چوں کہ نو آبادیاتی عہد میں طاقت ایجاد کی جاتی اور تشکیل دی جاتی ہے، اس لیے یہ عہد، تاریخ کا ایک فطری یا اتفاقی عہد نہیں ہوتا۔ یہاں تاریخی قوتیں اچانک ماورائی انداز میں نمودار نہیں ہوتیں، نہ تاریخی واقعات و اعمال پر اسرار طور پر وقوع پذیر ہوتے ہیں۔ نو آبادیاتی عہد کے صفحات پر ظاہر ہونے والی ہر عبارت ارادی ہوتی اور 'منشائے مصنف' کے تابع ہوتی ہے۔ یہ الگ بات ہے کہ 'منشائے مصنف' نو آبادیاتی متن کی ساخت کی گہری تہوں میں مضمر ہوتا ہے اور اس تک رسائی اسی صورت میں ہو سکتی ہے کہ قاری متن کی گہری تہوں کو کھنگالنے اور متن کی بنیادی، ضمنی اور ماسٹر کوڈ کو سمجھنے کی اہلیت رکھتا ہو۔[۱۰]

بيٺڪيت پڃاڻان هڪ وسيع ۽ منجهيل نظريو آهي. ان ۾ ٻيا نظريا به ملي وڃن ٿا جن ۾ جديديت پڃاڻان، مارڪسي تنقيدي نظريو ۽ عورتازاد ادبي نظريو شامل آهن.

ايڊورڈ سعيد ان کي اولهه جي عالمن ۽ ليکڪن جي هڪ وسيع ۽ منظم سوچ سان تعبير ڪيو آهي، جن پنهنجي ڪتابن ۾ توسيع پسندي کي اپاريو هو. ايڊورڈ سعيد اولهه جي 'اسان' ۽ ' ٻيا' واري فرق کي واضع ڪيو.

" بيٺڪيت پڃاڻان ادب جا لکاري اڪثر قابضن جي ٻولي ۾ اهڙي طريقي سان لکندا آهن جو انهن جي ٻولي کي ٽوڙي مروڙي ڇڏيندا آهن. مثال طور ڪيربين جو هڪ ليکڪ جڏهن انگريزي ۾ لکندو آهي ته ان جو لکڻ جو نمونو ڳالهائڻ واري ٻولي جي نموني جهڙو هوندو آهي. اهڙيءَ ريت اهو ليکڪ انگريزي جو متو ۽ پير هڪ ڪري ڇڏيندو آهي. اهو ليک لکڻ

واري ٻولي جي پيٽ ۾ ڳالهايل ٻولي واري ٻولي جهڙو ڏسڻ ۾ ايندو آهي. اهو ليکڪ کيترن ئي جاين تي پنهنجي ٻولي جا لفظ ۽ اصطلاح کم آڻي پيوندکاري کري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ ريت هو استعمار جي ٻولي جي اثارتي کي چيلينج کندو آهي. اهي ليکڪ گهڻ پهلو بيانين (Multi-dimensional Discourses) جو استعمال کندا آهن. استعماري قوتن جو خيال هو ته جن کي انهن پنهنجو غلام بڻايو هو اهي غيرمهذب ۽ شائستدگي کان ناواقف هئا. انهن کي مهذب بڻائڻ لاءِ غلام بڻائڻ ضروري هو. هو چاهن پيا ته سي ان ڳالهه تي اعتبار کن. بينڪيت پڃاڻان لکاري ان ڳالهه سان بلکل متفق نه هئا. انهن جو خيال هو ته بينڪيت جي قيام پويان تهذيب ۽ شائستگي جا مقصد نه هئا پر ان کهاڙي جي پويان غاصبن جو مقصد معاشي پرماريت کرڻ هو. بينڪيت پڃاڻان ليکڪن استعماري ڊسکورس کي نشانو بڻايو. استعماري ڊسکورس مان مراد اهي بيان، روايتون ۽ خيال آهن جن جو تعلق والاريل علاقن سان آهي، جيکو نقط نظر استعمارکار بيان کندا آهن."[11]

بينڪيت پڃاڻان مطالعي جا بنيادي محقق ۽ نقاد:

- **فرانز فينن:**

فرانس جي آفريکي بينڪي رياست الجزائر جو مزاحمتي، انقلابي، سماجي فلسفي، نفسيات ۽ لسانيات جو ماهر، ليکڪ ۽ سياسي ڏاهي فرانز فينن بينڪي نظرئي جو بنياد وجهندڙ سمجهيو وڃي ٿو. "فرانسيسي سامراج خلاف باقاعدي پهريون مزاحمتي رويو اختيار کندڙ عظيم ليکڪ هو. فينن قابض ۽ قبضي هيٺ آيل جي نفسيات جو اپياس کيو."(12) سندس پهريون کتاب 'Pean Noire, Masques Blancs' 1952ع ۾ شايع ٿيو. جنهن جو انگريزي ترجمو Black Skin White Masks جي نالي سان سامهون آيو. "ان کتاب ۾ فينن فرانسيسي نوآبادکارن جي کاري رنگ وارن مٿان نفسياتي اثرن جو جائزو ورتو. فرانسيسي سامراج جنهن طريقي ۽ جن ذريعن سان الجيرئن ۽ کيريبين ماڻهن تي تشدد کيو ۽ پوءِ مقامي ماڻهن سامراج جو نفسياتي اثر قبول کيو، ان جو فينن جائزو ورتو."[13] اتان بينڪي مطالعن جي باقاعده شروعات ٿي .فرانز فينن جو کم بينڪي سرشتي ۽ سامراجي سرشتي جي متعلق آهي. هو بينڪي مطالعن جي تاريخ ۾ سامراج مخالف ليکڪ طور مشهور آهي. هن بينڪي جبر جو نفسياتي تجزيو کيو آهي. هو چوي ٿو ته جڏهن کو سامراج کنهن ملک تي والار قائم کندو آهي ته هو ان سماج ۾ بينڪي جبر جو رستو اختيار کندو آهي ۽ جڏهن آزادي يا خودمختياري جو وقت ايندو آهي ته اهو سماج لازمي ان جبر کي اٽلائيندو آهي.

فينن جا کتاب کي کهاڙيون، شاعري، ناول يا ادبي تنقيد جي متعلق نه آهن پر اهي کتاب Decolonization يا بينڪي سرشتي کان چوٽکارو حاصل کرڻ متعلق اهڙا دستاويز، تجزيا، تبصرا، مضمون ۽ فکري لکتون آهن جن ۾ حقيقي کردارن جي زندگي جا نفسياتي قصا ۽ داستان آهن.

پنهنجي کتاب Black skin white masks ۾فينن اهي تجربا تجزيي هيٺ آندا آهن. جن ذريعن معرفت سامراج پنهنجا اثر مرتب کري ٿو، انهن ۾ ثقافت، مذهب ۽ ٻولي شامل آهن. انهن ٽنهي مان وري ٻولي وڌيڪ اهم آهي، جنهن سان بينڪي طاقت جو استعمال کيو وڃي ٿو ڇو ته ٻولي تهذيب کي بدلائي ٿي ڇڏي. فينن چيو ته، جڏهن کو کارو فرينچ ڳالهائي ٿو ته ان کي قبول نه ٿو کيو وڃي ۽ کيس چيو وڃي ٿو ته اها تنهنجي ٻولي نه آهي. اها ٻولي فرانسيسي، روسي ۽ انگريز بهتر نموني ڳالهائي سگهن ٿا ۽ اها ٻولي انهن کي سونهين ٿي. ان طريقي سان ان تي جبر کيو وڃي ٿو ۽ کيس چيو وڃي ٿو ته تنهنجي ٻولي اٽوندڙ ۽ ناقابل قبول آهي. تنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ تنهنجي ذات يا نسل بہ گهٽ درجي جا آهن ان کري تون بہ گهٽ درجي جو

آهين. تون پهريون ڪارو آهين پوءِ ماڻهو آهين. پر جڏهن ڪارو (آفريڪي) پنهنجي حيثيت بدلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ ڪنهن گوري سان شادي ڪري ٿو ته هو ايڏا به وڏيڪ احساس ڪمتري ۽ نفسياتي دٻاءَ ۾ هليو وڃي ٿو. ان بعد هو پنهنجي خودي، سڃاڻپ ۽ پنهنجو پاڻ وڃائي ويهي ٿو. هن ڪتاب ۾ فينن ڪارن ماڻهن ۾ هڪ نئين قسم جو نفسياتي تصور پيدا ڪرڻ پئي چاهيو. هن ڪتاب جي آخر ۾ فينن ان مسئلي جا حل به ٻڌايا آهن. سامراج جي هڪ چال هئي ته توهان سياسي، نفسياتي، جنسياتي يا بايولوجيڪل طرح مقامي آبادي سان ملي وڃو ته جيئن ان خوف کي گهٽائي سگهجي جيڪو مقامي ماڻهن ۾ پيدا ٿي رهيو آهي، پر فينن چيو ته ان مسئلي جو حل اهو نه آهي ان جو حل بينڪي سرشتي مان ڇوٽڪاري، آزادي ۽ سماجي پلائي ۾ آهي.

فينن جو ٻيو ڪتاب A dying of Colonialism 'بينڪيت جو موت' آهي. هي ڪتاب 1959ع ۾ ڇپيو هو. هن ڪتاب ۾ فينن مقامي ماڻهن جي ذهن مان سامراج جي خوف کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هو محڪومن کي سمجهائي ٿو ته سڀ ڪجهه سامراج نه آهي پر اسان ۽ اسان جي تهذيب، ٻولي ۽ قدر سڀئي بهترين آهن. هو سامراج پاران مقامي ماڻهو جي ڪيڏيل ڏندڪٿائي تصوير ڌاهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

ٽيون ڪتاب The Wretched of the Earth (1961) آهي. دنيا جون مظلوم قومون جيڪي بينڪي جبر جو شڪار رهيون آهن ۽ ان خلاف مزاحمت ۽ جارحيت ڪنديون رهن ٿيون، اهي هن ڪتاب کي بائيبل جو درجو ڏين ٿيون. هي اهو اهم ڪتاب آهي جيڪو انقلابي دنيا جي مڙني سماجن ۾ قبول پيو. هن ڪتاب ۾ فينن آزادي حاصل ڪرڻ لاءِ پرتشدد تحريڪ هلائڻ جي ترغيب ڏئي ٿو. سندس خيال هو ته نه قبضو سازگار حالتن ۾ ٿي سگهندو آهي ۽ نه آزادي مزاحمت کان بغير ملي سگهي ٿي. ان لاءِ ضروري آهي ته ڌارين کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ لاءِ ويڙهه ڪجي. سنڌي ۾ ان ڪتاب جو ترجمو 'مٽيءَ هاڻا ماڻهو" نالي سان عبدالوحد آريسر ڪيو. ڇاڪاڻ ته سنڌ به ان ئي صورتحال جو شڪار رهي آهي. سنڌ جون حالتون بينڪي والار هيٺ رهندڙ ملڪن کان گهٽيون مختلف نه آهن ۽ سنڌ ٻه سؤ سالن کان آزادي جي جنگ وڙهي. ان ڪري دنيا جو هر انقلابي، مزاحمتي، جارحاڻو ڪتاب، فڪر، فلسفو، شاعري ۽ ادب سنڌ ۾ منظور ۽ مقبول رهيو آهي. "فينن جيڪا انتهائي اهم ڳالهه ڪري ٿو اها اِها ته جن طريقن سان سامراج مقامي ماڻهن جي ڏندڪٿائي تصوير ٺاهي ٿو ۽ انهن کي سراپا برائي طور پيش ڪري ٿو، بلڪل ساڳئي طريقي سان مقامي ڌاهو ۽ ردنو آباديات ڌاهي کي گهرجي ته اهو به سامراج جي اُهڙي ئي ڏندڪٿائي تصوير جوڙي ۽ ان کي سراپا برائي ظاهر ڪري. ان جي نتيجي ۾ محڪوم ماڻهو تشدد ذريعي آزادي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو."[۱۴]

- **ايڊورڊ سعيد:**

ايڊورڊ سعيد هڪ مصنف، ادبي نقاد، صحافي، فلسفي، سياسي ۽ سماجي ماهر هو. هن ادب، ثقافت، سياست ۽ لسانيات جي موضوعن تي ڪتاب لکيا. ايڊورڊ سعيد ڪيترائي ايوارڊ پڻ حاصل ڪيا. هن جيڪي ڪتاب لکيا انهن مان سڀ کان گهٽي شهرت، 'اوير شناسي' کي ملي. ان ڪتاب ۾ ايڊورڊ سعيد ان نڪتي تي بحث ڪيو آهي ته اوير جي تهذيب ۽ تمدن متعلق اولهه وارن جيڪي ڪجهه لکيو، وائکو ڪيو، ڳالهايو يا سمجهو آهي، اهو خام خيالي تي ٻڌل آهي. هي پهريون ليکڪ هو جنهن اولهه وارن جي اوير متعلق غلط تصورن ۽ ڪين ٻڌايو ته اهي اوير متعلق جيڪي ڪجهه ڄاڻن ٿا اهي ڏندڪٿائي ۽ جڙتو ڳالهيون آهن. اولهه جي عالمن اوير جي ڪلاسيڪي ادب جو اِپياس ڪري ان ۾ موجود ڏندڪٿائي ڪردارن ۽ ڪهاڻين جي حوالي سان اوير متعلق هڪ ديومالائي ۽ اساطيري صورت جوڙي هئي. ان مبهم زاويي مان اولهه وارا اوير وارن کي ڏسي رهيا هئا. ايڊورڊ سعيد سمجهو پئي ته اولهه وارن جي اوير وارن متعلق سوچ دراصل سامراجي سوچ جي تابع آهي. ايڊورڊ سعيد 'ٻيڇ

ڊاهه ’کي ادب ۾ علم بشريات (Anthropology) مان روشناس ڪرايو ۽ اوپر ۽ اولهه جي سمورن مفروضن جي ڇڄ گهڙ ڪئي. هن انهن تضادن کي واضع ڪيو ته اوپر اهو نه آهي جيڪو اولهه وارا سمجهن ٿا. اولهه وارن جو اهڙو تصور فقط بينڪي سرشتي کي ٽيڪ ڏيڻ لاءِ آهي ۽ اولهه وارن جا اهي تصور سندن قدامت پسند فڪر کي واضع ڪن ٿا.

بينڪيت پڃاڻان ايپياس، ايڊورڊ سعيد جي ڪتاب ’Orientalism‘ اوپر شناسي-1978ع‘ ذريعي وڌيڪ مضبوط ٽيو. جڏهن ته بينڪي نظريو باقاعده ادبي تنقيدي نظريي طور 1980ع کان روشناس ٽيو. ”سعيد جي ان ڪتاب جو جوهر اهو آهي ته اولهه جي ڏاهن، اوپر جو علم حاصل ڪري، اوپر جي جيڪا تصوير پيش ڪئي، اها نسلي متييد ۽ سامراجي سوچ جي تابع هئي. بينڪي ذهنيت سان اوپر جو ايپياس ڪيو ويو ۽ پوءِ اوپر جي هڪ ڏندڪٿائي تصوير ٺاهي وئي، جيڪا سراسر سامراج جي مفاد وٽان هئي. اولهه جي ڏاهن اوپر جي متعلق علم حاصل ڪري جيڪي مفروضا قائم ڪيا جهڙوڪ اوپر، اولهه کان پوئتي پيل آهي، اوپر جي تهذيب ۽ ثقافت جي کابه حيثيت ناهي، اوپر جي کا به تاريخ نه آهي، اوپر جو ادب اولهه جي هڪ ڪٻڙ جيترو آهي، اوپر جو ماڻهو سست، ڪاهل، جاهل، پوئتي پيل، وحشي، جنگلي ۽ جانور جيتري حيثيت جو آهي. اوپر ان جي قابل نه آهي جو هو حڪومت ڪري سگهي، ان ڪري ان تي حڪومت ڪرڻ، مهذب بٽائڻ، شهري بٽائڻ ۽ ان کي تميز سيکارڻ جو ڪم اولهه جي ماڻهن جي حوالي آهي.“[۱۵] ايڊورڊ سعيد اولهه جي ادب مان اهڙا حوالا پيش ڪيا، جن جي بنياد تي بينڪيت پڃاڻان مطالعن جو بنياد پيو. ايڊورڊ سعيد جا ٻيا ڪتاب Culture and Imperialism ۽ Nationalism, Colonialism and Literature بينڪيت پڃاڻان نظريي جا اهم ۽ بنيادي ڪتاب آهن.

- **گائيتري چڪروتي اسپي وڪ:**

هندستان ۾بينڪيت پڃاڻان تنقيد جو هڪ اهم نالو گائيتري چڪروتي آهي. گائيتري جو اهم ڪم هندستان جي پيڙهيل طبقي ’دلت‘ جي باري ۾ آهي.

گاياتري جا بينڪيت پڃاڻان مطالعن جي حوالي سان The Post-Colonial critic Interviews، جيڪو پهريون پيرو 1990ع ۾ ڇپيو هو ۽ ٻيو ڪتاب A Critique of Postcolonial Reason، جنهن جي پهريون پيرو اشاعت 1999ع ۾ ٿي هئي. گاياتري جو مضمون ’Can the Subaltern speak?‘ بينڪيت پڃاڻان مطالعن ۾ وڏو اثرانداز ٽيندڙ ليک آهي. سندس فڪر جو محور گهٽو ڪري جنس ۽ نسل جا مسئلا رهيا آهن. ان مضمون ۾ به گاياتري مرد ۽ عورت جي جنسي فرقن کي اجاگر ڪيو آهي. Subaltern اصطلاح انهن سمورن ماتحت ٽولن، گروهن ۽ نسلن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي، جيڪي خاموش يا دٻيل طبقا آهن. هن اصطلاح جو پهريون استعمال اتالين ڏاهي اينتونيو گرامشي ڪيو. سندس سوچ موجب اهي طبقا گهٽ درجي جا آهن. انهن کي ڳالهائڻ جي اجازت مليل نه هوندي آهي.

”انهن ڪتابن ۾ گائيتري بينڪيت پڃاڻان نقاد جي حيثيت ۾ ايري سامهون اچي ٿي. هن بينڪيت پڃاڻان ۽ عورتازاد نظرين جي ڇيڙن کي پاڻ ۾ ملايو آهي. گائيتري Subaltern جي حوالي سان ڪافي بحث ڪيو آهي. اردو/سنڌي ۾ ان اصطلاح جو ترجمو ’دلت‘ ڪيو ويو آهي. دلت مان مراد بينڪي عوام جو شودر طبقو آهي. اهو اصطلاح سيڪان پهريون گرامچي وضع ڪيو هو. دلت جو ڪردار بينڪي سرشتي ۾ هڪ خاموش ڪردار آهي. هي هڪ مجبور ۽ پينل طبقو آهي. هي طبقو نئين بينڪي سرشتي ۾ نه ئي ڳالهائي سگهي ٿو ۽ نه ئي خود مختياري حاصل ڪري سگهي ٿو. گائيتري اها دعويٰ ڪئي آهي ته جيستائين اهو هيناهون، پست، پينل ۽ ڪمزور طبقو ان حالت مان ٻاهر نه ٿو نڪري سگهي تيستائين اهو بينڪي سرشتي جي شڪنجي ۾ قائل رهندو. گائيتري ۽ چڪروتي سوال ڪري ٿي ته جيڪڏهن ڪو اولهه جو ڏاهو انهن لاءِ نه ڳالهائي ۽ اهي خود به

پنهنجي آزادي لاءِ نہ ڳالهائين تہ بينڪي مخالف ڊسڪورس ڪيئن پيدا ٿي سگهندو. ٻين لفظن ۾ اهو چوڻ تہ بينڪيت پڇاڻان صورت ۾ ممڪن آهي تہ دلت ڪردار خاموشي کي ٽوڙيندو."(١٦)

- **هومي کي پايا:**

بينڪيت پڇاڻان مطالعي جو هڪ اهم تجزيہ نگار هومي کي پايا آهي. سندس تعلق هندستان سان آهي. هومي کي پايا بينڪيت پڇاڻان زاويي کي نفسياتي تجزيہ نگاري سان جوڙڻ جو اهم ڪردار ادا ڪيو. سندس وضع ڪيل تصور قابض ۽ والاريل جي نفسياتي اثرن جي نشاندهي ڪرڻ جي سلسلي ۾ درست ثابت ٿيا آهن.

پايا جي اهم تصنيف (1990 The location of culture) آهي، جنهن ۾ پايا بينڪي اصطلاح وضع ڪيا آهن. انهن اصطلاحن کي ثقافتي مطالعن ۾ وڏي اهميت حاصل آهي. اهي هي آهن: 1. Mimicry نقل، 2. Hybridity ڇاپڙائپ، ۽ 3. Ambivalence ٻيڙو.

- **ڊاڪٽر ناصر عباس نير:**

سنڌي ۾ ادبي نظرئي تي ڪم گهٽ ٿي سگهيو آهي. ڪجهہ ڪتاب تنقيدي نظرين کي اجاگر ڪن ٿا، ان سلسلي ۾ ادبي تنقيدي نظرين بابت ڊاڪٽر ساجده پروين جي ٿيسس اهم آهي. جنهن ۾ ساختيات، ساختيات ڇاڻان، عورتازاد، جديديت ڇاڻان، تحليل نفسي ۽ مارڪسي نظرين جو سنڌي ادبي لکڻين جي متن تي اطلاق ڪيو ويو آهي. اهو ڪم قابل قدر ۽ نئون آهي، پر بينڪيت پڇاڻان نظرئي تي سنڌي ۾ ڪم نہ ٿي سگهيو آهي.

پاڪستان ۽ انڊيا ۾ اردو ۾ ان تي نظري ۽ ادبي متن تي تجزياتي اپياس ۽ مباحثا ٿي چڪا آهن. اردو ۾ بينڪيت پڇاڻان نظرئي کي يونيورسٽين جي ڪورسن ۾ بہ شامل ڪيو ويو آهي. اردو تنقيد، لسانيات ۽ نظرئي جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر ناصر عباس نير جو نالو قابل ذڪر جوڳو آهي. جنهن اردو ۾ بينڪيت پڇاڻان نظريي تي بہ ڪم ڪيو آهي ۽ ان جو ادبي لکڻين تي اطلاق بہ ڪيو آهي. بينڪيت پڇاڻان نظريي متعلق سندس ڪتاب 'مابعد نو آبادیات اردو کے تناظر میں' اهميت جو حامل آهي. هي ڪتاب آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس 2013ع ۾ چپايو آهي. هي ڪم اردو ادب جي برطانوي هندستان واري زماني ۽ آزاديءَ بعد واري تاريخي پسمنظر سان تعلق رکي ٿو. ان ڪم کي اردو ۾ بينڪيت پڇاڻان مطالعي جي پهرين منظم ڪڙي چئي سگهجي ٿو. ان ۾ ڊاڪٽر ناصر عباس نير والاريندڙ ۽ والاريل جي وچ ۾ ثقافتي رشتن کي ڳولهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ اردو بولي ۽ ادب تي پوندڙ بينڪي اثرن جو تجزيو ڪيو آهي. ان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر ناصر عباس استعماري بيانيي جي ماهيت، اثرن ۽ ان جي حڪمت عملين تي بہ ڏيان ڏنو آهي. ان سان گڏ بينڪيت پڇاڻان فڪر جي پسمنظر ۾ بحث کي هڪ علمي شعبي طور سمجهڻ ۽ سمجهائڻ جي بہ ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪتاب جو هڪ حصو اطلاقي بہ آهي جنهن ۾ هن گل ڪرسٽ جون 'لساني خدمتون'، محمد حسين آزاد جو 'لساني تصور' ۽ 'انجمن اشاعت علوم مفيده' پنجاب کي بينڪيت پڇاڻان نڪتہ نظر سان بيان ڪيو آهي.

نتيجو:

مجموعي طور هن مطالعي جي روشني ۾ ظاهر ٿئي ٿو ته بينڪيت پڄاڻان مطالعي جي اُسرڻ جو سبب ڏارين جا ٻين ملڪن تي قبضا ڪرڻ هو. ان جي نتيجي ۾ مقبوض ملڪن تي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي اثر پيا. انهن قبضن کان اڳ يورپ وارن هڪ ماحول جوڙيو هو جنهن کي ايڊورڈ سعيد اوپر شناسي Orientalism نالي علمي شاخ طور نروار ڪيو.

ايڊورڈ سعيد ۽ ٻين عالمن يورپين جي ان ڏکار کي واضع ڪيو جن'ٽين دنيا'، 'هُو ۽ اسان' ۽ 'اولهه ۽ اوپر' جهڙا امتيازي تصور ۽ اصطلاح جوڙيا هئا. جڏهن بينڪي دؤر جي پڄاڻي ٿي ان بعد بہ نيو ڪالونيل جي شڪل ۾ قابضن جي اجاره داري قائم رهي.

ايڊورڈ سعيد بعد ٻين نقادن بينڪيت پڄاڻان نظريي ۾ واڌارو ڪيو ۽ نوان اصطلاح، تصور، رخ ۽ زاويا متعارف ڪرايا. جنهن ڪري هي نظريو وڌيڪ مضبوط ٿيو. انهن ۾ هندستاني نقاد 'گائيتري اسپي وڪ' ۽ 'هومي کي پابا' قابل ذڪر آهن.

سنڌ بہ انگلينڈ جي تسلط هيٺ رهي، ان ڪري سنڌي ادب کي ان نظريي جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪرڻ جي ضرورت آهي.

حوالا

1. htt://dictionary.cambridge.org.
2. مبارک علی،ڈاکٹر،'برطانوی ھندستان'،ایکشن ایڈانٹرنیشنل پاکستان،لاھور،2007ع،ص:10.
3. لاشاري، مبارڪ علي، 'جديديت پڄاڻان ۽ بينڪيت پڄاڻان' ڈاڪٽر قاضي غفار پبليڪيشن حيدرآباد 2011، ص: 55.
4. Young, Robert J.C, 'POSTCOLONOALISM', Oxford University Press, 2003, P:16.
5. Hamadi, Lutfi, Scientific Journal June 2014, https://core.ac.uk.
6. پروين، ساجده ، ڈاڪٽر، 'جديد ادبي تنقيدي نظرين جو سنڌي ادب تي اثر'، سنڌي شعبو، ڪراچي يونيورسٽي 2016ع، ص: 234.
7. نیر،ڈاکٹر ناصر عباس،'مابعد نو آبادیات اردو کے تناظر میں'،اوکسفورڈ یونیورسٹی پریس کراچی 2013ع،ص:6.
8. قاسمی،اورنگ زیب،'ادبی تھیوری بنیادی تصورات اور مباحث'ورلڈ ویو پبلشر لاہور 2022ع،ص:132.
9. لاشاري، مبارڪ علي، 'جديديت پڄاڻان ۽ بينڪيت پڄاڻان'، ڈاڪٽر قاضي غفار پبليڪيشن حيدرآباد 2011ع، ص: 6.
10. نیر،ڈاکٹر ناصر عباس،'مابعد نو آبادیات اردو کے تناظر میں'اوکسفورڈ یونیورسٹی پریس، کراچی،2013ع،ص:1009.
11. قاسمی،اورنگ زیب،'ادبی تھیوری بنیادی تصورات اور مباحث'،ورلڈ ویو پبلشر لاہور،2022ع،ص:133.
12. سھیل، محمد عامر،'نو آبادیات ومابعد نو آبادیات'،عکس پبلی کیشن لاہور،2019ع،ص؛533.
13. ساڳيو، ص: 533.
14. ساڳيو، ص: 535.
15. ساڳيو، ص: 537.
16. ساڳيو، ص: 541.